SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 2008

# SINDH ACT NO.II OF 2008

# سنڌ ماليات ايڪٽ، 2008

# THE SINDH FINANCE ACT, 2008

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and Commencement
2. 1899 جي ايڪٽ II جي ترميم
Amendment of Act II of 1899
3. 1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIII جي ترميم
Amendment of Sindh Act No.XIII of 1994
4. 2000 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي ترميم
Amendment of Sindh Ordinance VIII of 2000
5. 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ نمبر XXXII جي ترميم
Amendment of West Pakistan Act XXXII of 1958

# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 2008
# SINDH ACT NO.II OF 2008
# سنڌ ماليات ايڪٽ، 2008
# THE SINDH FINANCE ACT, 2008

[29 جولاءِ 2008]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ڪجهه ڊيوٽيز ۽ سيس کي معقول بڻايو ويندو ۽ لاڳاپيل قانونن ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ ڪجهه ڊيوٽيز ۽ سيس کي معقول بڻائڻ ۽ لاڳاپيل قانونن ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and Commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ماليات ايڪٽ، 2008 سڏيو ويندو.

(2) هي پهرين جولاءِ 2008 تي ۽ ان کانپوءِ لاڳو ٿيندو.

1899 جي ايڪٽ II جي ترميم
Amendment of Act II of 1899

2. اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، ان جي شيڊول جي آرٽيڪل 31 جي شق (a) جي ڪالم 2 ۾ داخلائن لاءِ، هيٺيون داخلائون ختم ڪيون ونديون.

“i.حصن جي ظاهري ملهہ جو 1.5 سيڪڙو بشرطيڪ اهو طبعي حوالي سان هڪ ربئي کان گهٽ هجي ۽ ان کي جيڪو سينٽرل ڊپازيٽري ڪمپني کان واپس ورتو وڃي.

ii.سينٽرل ڊپازيٽري ڪمپني ۾ جمع ڪرايل حصن جي عام ملهہ جو 0.1 سيڪڙو.”

3.سنڌ ماليات ايڪٽ، 1994 ۾:

i.دفعہ 9 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ شرطيہ بيان لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

“بشرطيڪ سون تي سيس ڪسٽم اٿارٽيز طرفان ڪاٽو لڳايل ڪل ملهہ جي 0.125 سيڪڙو جي حساب سان اوڳاڙي ويندي.”؛ ۽

ii.دفعہ 10 کانپوءِ موجود شيڊول لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIII جي ترميم

Amendment of Sindh Act No.XIII of 1994

**شيڊول**

**(ڏسو دفعہ 9)**

| **شين جو صافي وزن** | **مفاصلي سان گڏ سيس جو ملهہ** |
|---|---|
| 1250 ڪلو گرامس تائين | شين جي ڪل ملهہ جي 0.80 سيڪڙو برابر جيئن ڪسٽم اٿارٽيز طرفا ڪاٽو لڳايو ويجي واڌو هڪ پئسا في ڪلوميٽر |
| 1250 ڪلوگرامس کان وڌيڪ پر 2030 ڪلوگرامس کان وڌيڪ نہ هجي. | شين جي ڪل ملهہ جي 0.81 سيڪڙو برابر جيئن ڪسٽم اٿارٽيز طرفا ڪاٽو لڳايو ويجي واڌو هڪ پئسا في ڪلوميٽر |
| 1250 ڪلو گرامس کان وڌيڪ پر 4060 ڪلو گرامس کان وڌيڪ نہ هجي. | شين جي ڪل ملهہ جي 0.82 سيڪڙو برابر جيئن ڪسٽم اٿارٽيز طرفا ڪاٽو لڳايو ويجي واڌو هڪ پئسا في ڪلوميٽر |
| 4060 ڪلوگرامس کان وڌيڪ پر 8120 | شين جي ڪل ملهہ جي 0.83 سيڪڙو برابر جيئن ڪسٽم |

| | |
|---|---|
| ڪلوگرامس کان وڌيڪ نہ هجي. | اٿارٽيز طرفا ڪاٽو لڳايو وڃي واڌو هڪ پئسا في ڪلوميٽر |
| 8120 ڪلوگرامس کان وڌيڪ پر 16000 ڪلوگرامس کان وڌيڪ نہ هجي. | شين جي ڪل ملهہ جي 0.84 سيڪڙو برابر جيئن ڪسٽم اٿارٽيز طرفا ڪاٽو لڳايو وڃي واڌو هڪ پئسا في ڪلوميٽر |
| 16000 ڪلوگرامس کان وڌيڪ | شين جي ڪل ملهہ جي 0.85 سيڪڙو برابر جيئن ڪسٽم اٿارٽيز طرفا ڪاٽو لڳايو وڃي واڌو هڪ پئسا في ڪلوميٽر |

وضاحت: شيڊول جي مقصد لاءِ "ملهہ" مطلب مالڪ کي ملندڙ شين جو ڪل اگهہ جيڪو ڪسٽم اٿارٽيز طرفان صوبي ۾ داخل ٿيڻ ۽ صوبي جو انفرااسٽرڪچر استعمال ڪرڻ تي ڪاٽو لڳايو وڃي ۽ "مفاصلو" مطلب جيڪو صوبي اندر مفاصلو طئي ڪيو وڃي.

2000 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي ترميم

Amendment of Sindh Ordinance VIII of 2000

4. سنڌ سيلز ٽيڪس آرڊيننس، 2000 جي دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن "پندرنهن سيڪڙو" لاءِ لفظ "سورنهن سيڪڙو" متبادل ٿيندا.

1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ نمبر XXXII جي ترميم

5. سنڌ موٽر گاڏيون ٽيڪسيشن ايڪٽ، 1958 جي دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، ٻئي شرطيہ بيان کانپوءِ، هيٺيون نئون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

(i)حڪومت ٻاهران گهرايل يا مقامي طور تي تيار ڪيل يا

Amendment of West Pakistan Act XXXII of 1958

جوڙيل موٽر ڪارين جي مخصوص ڪيٽيگري تي، جيڪا سنڌ ۾ رجسٽرڊ ڪئي وڃي، ان تي هڪ دفعو لگزري ٽيڪس پهرين جولاءِ 2008ع ان کانپوءِ لڳائيندي؛

(ii)ٻاهران گهرايل ۽ مقامي طور تيار ڪيل يا جوڙيل موٽر ڪارين جون ڪيٽيگريز ۽ ٽيڪس جا ملهه اهڙيءَ ريت هوندا، جيئن هيٺ بيان ڪيل آهن:

| جريان نمبر | موٽر ڪار جي ڪيٽيگري | ٽيڪس جو ملهه |
|---|---|---|
| .01 | 3000 سي سي ۽ ان کان وڌيڪ انجڻ جي صلاحيت رکندڙ ٻاهران گهرايل موٽر ڪارون | 1000000 رپيا |
| .02 | 2000 سي سي کان 2999 سي سي تائين انجڻ صلاحيت رکندڙ ٻاهران گهرايل موٽر ڪارون | 50000 رپيا |
| .03 | 1500 سي سي کان 1999 سي سي انجڻ صلاحيت رکندڙ ٻاهران گهرايل موٽر ڪارون | 5000 رپيا |
| .04 | 1500 سي سي ۽ ان کان وڌيڪ انجڻ جي صلاحيت رکندڙ مقامي طور تيار ڪيل ۽ جوڙيل موٽر ڪارون | 5000 رپيا |

(iii)حڪومت ٽيڪس نه لڳائيندي، جيڪڏهن موٽر ڪار:

(a)وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت طرفان خريد ڪئي وئي هجي؛

(b)هڪ ٽرانسپورٽ يا ڪمرشل گاڏي؛

(c) جنهن کي سنڌ موٽر گاڏيون ٽيڪسيشن رولز، 1959 موجب استثنيٰ هجي؛ ۽

(d)موٽر گاڏي يا موٽر گاڏين جو درجو جيڪو حڪومت طرفان ڄاڻايو وڃي.

وضاحت: هن دفعہ جي مقصد لاءِ "موٽر ڪار" مطلب هڪ موٽر ڪار جيڪا صوبائي موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾ بيان ڪيل هجي ۽ جنهن ۾ شامل هجي هڪ اسٽيشن ويگن ۽ جيپ.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**